صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# مِعراج جو سفر ۽
# علمِ غيب مُصطفيٰ

20-Apr-2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# مِعراج جو سفرءِ علمِ غيب مُصطفيٰ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرتِ سَيدُنا اُبَي بِن ڪَعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه عرض ڪيو:”يا رَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان دُرُود جي ڪثرت ڪيان ٿو، مان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُود پڙهڻ جي لاءِ ڪيترو وقت مُقرَّر ڪيان؟ "فرمايائون: "جيترو چاهيو ڪيو. "مون عرض ڪيو: "چوٿائي؟" فرمايائون، "جيترو چاهيو، ڪريو پر جيڪڏهن وڌيڪ دُرودِ پاڪ پڙهندو تہ بهتر آهي."مون عرض ڪيو: "نِصف؟" فرمايائون: "جيترو چاهيو پڙهو، پر وڌيڪ پڙهندؤ تہ بهتر آهي." عرض ڪيو،" مان سمورو وَقت اوهان تي دُرودِ پاڪ پڙهندو رهندس." فرمايائون،" پوءِ تہ اهو عمل توهان جي پريشانين جي ڪفايت ڪندو ۽ توهان جي بخشش جو سبب بڻجي ويندو. (مستدرک،کتا ب التفسير،باب اکثر واعلیّ الصلوٰۃ...الخ،۳/ ۱۹۸،رقم:۳٦۳۱ ملتقطاً)

www.dawateislami.net

بیٹھتے، اُٹھتے، جاگتے، سوتے ہو الٰہی میرا شِعار دُرُود
رُوئے انور پہ نور بار سلام زُلفِ اطہر پہ مُشکبار دُرود
اُس مہک پہ شمیم بیز سلام اُس چمک پہ فروغ بار دُرود
اُن کے ہر جلوہ پر ہزار سلام اُن کے ہر لمعہ پر ہزار دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسلامي مهينن ۾ ستون با بَرَڪت مهينو رَجَبُ المُرَجَّب پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي. هي اهو عظيمُ الشّان مهينو آهي جو جنهن ۾ شبِ اسريٰ واري مصطفيٰ، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معراج جي عظيم معجزي (Miracle) جو ظهور ٿيو. هن مبارڪ سفر جي تمام احوال ۽ واقعن کي احاديثِ مُبارڪ ۽ سيرتِ طَيبه جي ڪتابن ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. اسان به نبي پاڪ،صاحب معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذڪرِ خير سان فيضياب ٿيڻ جي لاءِ معراج شريف جو ايمان اَفروز تذڪرو ۽ علمِ غيبِ مُصطَفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ شوڪت جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين،

اچو! پهريان اعليٰ حضرت جي خليفي، مدّاحُ الحبيب،حضرت مولانا صوفي محمد جَميلُ الرحمٰن خان قادِري رضوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي لکيل شبِ معراج جي برڪتن سان مالامال نهايت ئي پياري ڪلام جا ڪجهه شعر ٻڌون ٿا:

| | |
|---|---|
| پردہ رُخِ انور سے جو اُٹھا شبِ معراج | جنّت کا ہوا رنگ دو بالا شبِ معراج |
| اےرحمتِ عالم تِری رحمت کے تصدق | ہر ایک نے پایا ترا صدقہ شبِ معراج |
| جس وقت چلی شاہِ مدینہ کی سُواری | سجدے میں جھکا عرشِ مُعلّٰی شبِ معراج |
| یہ شانِ جلالت کہ نہایت ہی ادب سے | جبریل نے آقا کو جگایا شبِ معراج |
| دُولہا تھے محمد تو براتی تھے فرشتے | اِس شان سے پہنچے مرے مولٰی شبِ معراج |
| ممکن ہی نہیں عقلِ دو عالم کی رَسائی | ایسا دِیا اللہ نے رُتبہ شبِ معراج |
| اُس میں سے جمیلِ رضوی کو بھی عطا ہو | رحمت کا بٹا خاص جو حصہ شبِ معراج |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مِعراج جو مختصر واقعو

مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”سيرتِ مُصطفيٰ“ جي صفحي 732 تي

www.dawateislami.net

شيخُ الحديث حضرت علامہ عبدُالمصطفٰي اعظمي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: معراج جي رات سرورِ ڪائنات، فَخرِموجودات صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي گهر جي ڇت کُلي ۽ اوچتو حضرتِ سَيدُنا جبرائيل عَلَیہ السَّلَام ڪجھ ملائڪن سان گڏ نازل ٿيا ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي حرمِ ڪعبہ ۾ وني ويا ۽ سندن مبارڪ سيني کي چاڪ ڪيو ۽ قلبِ انور کي ڪڍي آبِ زمزم سان ڌوتو، پوءِ ايمان ۽ حڪمت سان ڀريل هڪ طشت کي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيني ۾ داخل ڪري شڪم (يعني پيٽ مبارڪ) جو چاڪ برابر ڪري ڇڏيو. پوءِ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بُراق تي سوار ٿي بيتُ المقدس تشريف فرما ٿيا.

شيخِ طريقت، اَميرِاَهلِ سُنَّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه هن ايمان افروز واقعي جي منظر ڪشي ڪندي پنهنجي هڪ ڪلام ۾ لکن ٿا:

قربان میں شان و عظمت پر سوئے ہیں چین سے بستر پر  جبریلِ امیں حاضر ہوکر معراج کا مژدہ سُناتے ہیں
جبریلِ امین بُراق لیے جنّت سے زمیں پر آ پہنچے  بارات فرشتوں کی آئی معراج کو دُولھا جاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!  صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

بُراق جي تيز رفتاري جو هي عالَم هو جو ان جو قدم اتي پوندو هو جتي ان جي نگاھ جي آخري حد هوندي هئي. بَيتُ المقدس پهچي بُراق کي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان حلقي ۾ ٻڌي ڇڏيو، جنهن ۾ انبياء عَلَیهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پنهنجي پنهنجي سوارين کي ٻَڌندا هئا، پوءِ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تمام نبين ۽ رسولن عَلَیهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي جيڪي اتي حاضر هئا ٻہ (2) رڪعت نفل نماز جماعت سان پڙهائي. (سيرتِ مصطفےٰ،ص۷۳۲-۷۳۳)

اقصیٰ میں سواری جب پہنچی جبریل نے بڑھ کے کہی تکبیر  نبیوں کی امامت اب بڑھ کر سلطانِ جہاں فرماتے ہیں

## انبياءِ ڪرام سان ملاقاتون

جڏهن بيتُ المقدس مان نڪتا ته حضرتِ جبريل (عَلَيه السَّلام) شراب ۽ کير جا ٻه (2) پيالا سندن اڳيان پيش ڪيا، رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کير جو پيالو کنيو، اهو ڏسي حضرتِ جبريل عَلَيه السَّلام چيو ته اوهان فطرت (Nature) کي پسند فرمايو، جيڪڏهن اوهان شراب جو پيالو کڻو هئا ته اوهان جي اُمَّت گمراه ٿي وڃي ها. پوءِ حضرت جبريل عَلَيه السَّلام پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پاڻ سان گڏ وٺي آسمان تي چڙهيا، پهرين آسمان تي حضرت (سَيدُنا) آدم عَلَيه السَّلام سان، ٻئي تي حضرت (سَيدُنا) يحييٰ ۽ حضرت (سَيدُنا) عيسيٰ عَليهما السَّلام سان مُلاقات ٿي ۽ ڪجهه گفتگو به ٿي، ٽئين آسمان تي حضرت (سَيدُنا) يوسف عَلَيه السَّلام ، چوٿين آسمان تي حضرت (سَيدُنا) اِدرِيس عَلَيه السَّلام ۽ پنجين آسمان تي حضرتِ (سَيدُنا) هارون عَلَيه السَّلام ۽ ڇهين آسمان تي حضرت (سَيدُنا) مُوسيٰ عَلَيه السَّلام مليا ۽ ستين آسمان تي پهتا ته اتي حضرت (سَيدُنا) ابراهيم عَلَيه السَّلام سان مُلاقات ٿي، اهي (ملائڪن جي قبلي) بيتُ المعمور سان پني لڳائي ويٺل هئا، جنهن ۾ روزانو ستر هزار(70000) ملائڪ داخل ٿيندا آهن. بوقتِ مُلاقات هر پيغمبر"خوش آمديد! اي پيغمبرِ صالح" چئي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اِستِقبال ڪيو. پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جنّت جي سير ڪرائي وئي. ان کان پوءِ حضور پرنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سِدۡرَةُالۡمُنۡتَهٰى تي پهتا. ان وڻ تي جڏهن اَنوارِ الٰهي جي بارش ٿي ته هڪ دَم ان جي صُورت بدلجي وئي ۽ ان ۾ رنگ برنگ جي اَنوار جي اهڙي تجلّي(Rays of light) نظر آئي جو جنهن جي ڪيفيتن کي الفاظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي. هتي پهچي حضرتِ جبريل عَلَيه السَّلام اهو چئي بيهي رهيا ته مان ان کان اڳتي نٿو وڌي سگهان.

جبریل ٹھہر کر سدرہ پر بولے جو بڑھے ہم ایک قدم    جل جائیں گے سارے بال و پر اب ہم تو یہیں رہ جاتے ہیں

پوءِ اللہ عَزَّوَجَلَّ امام الانبياء صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرش بلڪ عرش کان متي جيستائين اللہ عَزَّوَجَلَّ چاهيو سڌي پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فيضياب فرمايو. (سيرتِ مُصطفٰے،ص۳۳۳ - ۳۳۴)

قرآنِ ڪريم ۾ ان واقعي کي هن الفاظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي: جيئن سيپاري 27 سُورَه نجم جي آيت نمبر8 ۽ 9 ۾ ارشاد آهي:

ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰى ﴿۸﴾ فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ﴿۹﴾

(ترجمو ڪنزُالايمان: پوءِ خوب ويجهو ٿيو. پوءِ ان جلوي ۽ ان محبوب ۾ ٻن هٿن جو فاصلو رهيو بلڪ ان کان بہ گهٽ) پوءِ اتي ڇا ٿيو اهو اسان جي عقل جي پهچ کان ٻاهر آهي. پوءِ جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ديدارِ خداوندي سان فيضياب ٿي ۽ چڱي طرح سير فرمائي ۽ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي روشن نشانين جو مُعائنو ۽ مُشاهدو فرمائي آسمان تان زمين ڏانهن واپس موٽيا ۽ بَيتُ المقدس ۾ داخل ٿيا ۽ بُراق تي سُوار ٿي مَڪہ مُڪرَّمہ جي لاءِ روانا ٿيا تہ رستي ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بَيتُ المَقدس کان مَڪہ مُڪرَّمہ تائين جون تمام منزلون ۽ قُريش جي قافلن کي بہ ڏٺو. اهي تمام مرحلا طئي ٿيڻ کان پوءِ جڏهن سرورِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجدِ حرام ۾ پهتا تہ جيئن تہ اجا رات جو ڪافي حصو باقي هو، ان ڪري محبوب ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سمهي پيا. (سيرتِ مصطفی، ص۳۳۵ملخصاً)

خدا کی قُدرت کہ چاند حق کے، کروڑوں منزل میں جلوہ کرکے
ابھی نہ تاروں کی چھاؤں بدلی، کہ نُور کے تڑکے آلیے تھے

## ڪلامِ رضا جي وضاحت:

يعني خدا جو شان ڏسو تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ جا پيارا حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿوري ئي دير ۾ ڪروڙين منزلن تي پنهنجو جلوو ڏيکاري واپس بہ موٽي آيا، اجا تائين تارا انهيءَ طرح چمڪي رهيا هئا، انهن جو سايو بہ نہ بدليو هو.

(شرح كلامِ رضا ،ص٦٩٦)

الله جي عنايت۔۔مرحبا    معراج جي عظمت۔۔مرحبا
بُراق جي قسمت ۔۔مرحبا    بُراق جي سُرعَت۔۔مرحبا
اَقْصيٰ جي شوڪت۔۔ مرحبا    نبين جي اِمامت۔۔مرحبا
آقا جي رِفْعت۔۔ مرحبا    آسمان جي سِياحت۔۔مرحبا
مڪينِ لامڪان جي عظمت ۔۔ مرحبا    چشمانِ نبوت۔مرحبا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شبِ اسراء واري مصطفيٰ، محبوبِ ڪبريا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صبح جو جڏهن قريش جي اڳيان رات واري معراج جي واقعي ڪي بيان ڪيو ته انهن کي سخت تَعَجُّب ٿيو ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مَعَاذَ الله عَزَّ وَجَلَّ ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي لاءِ امتحاناً سوال شروع ڪري ڇڏيا.

مُفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: اهي سُوال بہ فُضُول هئا. مثال طور هي تہ بَيتُ المَقدَس ۾ ڪيترا ٿنڀا( ٿلهه) آهن، ڏاڪڻ ڪيتريون آهن، مِنبَر کهڙي پاسي آهي. ظاهر آهي تہ اهي شيون تہ بار بار ڏسڻ ڪان پوءِ بہ ياد نٿيون رهن تہ هڪ ڀيري ڏسڻ سان ياد ڪيئن رهنديون. ڪافرن چيو تہ عَرش ۽ ڪرسِي بابت جيڪي ڳالهيون اوهان بيان ڪري رهيا آهيو، ان جي تہ اسان کي خَبَر ناهي، بَيتُ المَقدَس اسان جو ڏٺل آهي، اتي جون نِشانيون اوهان اسان کي ٻڌايو. (مرآۃ المناجيح ، ١٥٩/٨) (لِهٰذا جڏهن بَيتُ الْمَقْدَس جي ڪيفيت پڇا ڪئي وئي تہ) نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪجھ تَرَدُّد ٿيو، ڇاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بَيتُ المَقدَس ۾ داخِل ٿيا هئا پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي ڪيفِيت جي باري ۾ گهري نظر نہ فرمائي هئي، ۽ پوءِ اها رات بہ تاريڪ هئي. الله تعاليٰ حضرت جِبرائيلِ امين عَلَيهِ السَّلَام کي حڪم فرمايو تہ اُنهن پنهنجي پَرن (Wings) تي بَيتُ المَقدَس کي کڻي ورتو ۽ مَڪہ مُڪَرَّم ۾

حضرت عَقِيل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي گهر وٽ رکي ڇڏيو، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ڏسندا رهيا ۽ انهن جي سُوالن جا جواب ڏيندا رهيا. (ياد رهي ته) بَيتُ المَقدَس کي کڻي سندن جي خِدمتِ عالِيه ۾ حاضِر ڪرڻ سندن مُعجِزَو (Miracle) آهي، جيئن بِلقِيس جو تَخت (کڻي حضرت سليمان عَلَيهِ السَّلَام جي دَربار ۾ حاضِر ڪرڻ) حضرت سُلَيمان عَلَيهِ السَّلَام جو معجزو (Miracle) آهي. (سيرة سيد الانبياء،ص١٣١)

اي عاشقانِ رسول! ٻڌو اوهان ته شبِ اسرا واري مصطفيٰ، سَيدُ الانبيا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ۽ شوڪت ڪيتري قدر بلند ۽ اعليٰ آهي جو جنهن رَبّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ رجبُ المرجَّب جي ستاويهين رات مختصر وقت ۾ پنهنجيَ عظيم نشاني ڏيکارڻ جي لاءِ جنّتي بُراق تي سوار ڪرايو، مسجدِ حرام کان مسجد ِاقصيٰ ۽ پوءِ اتان کان تمام آسمانن تي سڏي مختلف انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ ملائڪن جي اڳيان پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت کي ظاهر فرمايو، نمازن جو تحفو عطا فرمايو، ۽ سڀ کان وڌيڪ هي ته پنهنجي دِيدار سان به سرفراز فرمايو ۽ بغير ڪنهن واسطي جي ڪلام جو شرف به عطا فرمايو.

یہ شاہ نے پائی سعادت ہے خالق نے عطا کی زیارت ہے
جب ایک تجلّی پڑتی ہے موسیٰ تو غش کھا جاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اچو! حضورِ اڪرم ،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله عَزَّوَجَلَّ جو ديدار ٿيڻ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سان هم ڪلام ٿيڻ جي باري ۾ حديثِ پاڪ ٻڌون ٿا:

## مون سڀ ڪجهه سڃاڻي ورتو

حضرت سَيدُنا مُعاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي، حضورِ اقدس صَلَّى الله

www.dawateislami.net

تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مون پنهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ کي ڏٺو، ان پنهنجو دستِ قدرت منهنجي ڪلهن جي وچ ۾ رکيو، منهنجي سيني ۾ ان جي ٿڌاڻ محسوس ٿي، انهيءَ وقت هر شيءِ مون تي روشن ٿي وئي ۽ مون سڀ ڪجهه سڃاڻي ورتو. (ترمذی،کتاب التفسیر،باب ومن سورة ص،١٦٠/٥،حدیث:٣٢٤٦)

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: مون پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کي بهترين صورت ۾ ڏٺو. (يعني ان وقت منهنجي پنهنجي صورت تمام سٺي هئي، هت خدا جي صورت مراد ناهي، جيئن چيو ويندو آهي ته مان چڱن ڪپڙن ۾ حاڪم سان مليس، يعني ملاقات جي وقت منهنجا ڪپڙا سٺا هئا، نه ته رَبّ تعاليٰ صورت کان پاڪ آهي.خيال رهي ته حضور انورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اسان ۾ اچڻ بشري صورت ۾ آهي، ۽ رَبّ عَزَّ وَجَلَّ سان ملڻ نوري صورت ۾. انسان جي گهر جو لباس ٻيو هوندو آهي ۽ ڪچهري جو ٻيو، اهو غالبًا معراج جي واقعي جو ذڪر آهي. بعض خواب جو ديدار ٻڌايو آهي پر ٻهرين ڳالهه وڌيڪ صحيح آهي.حق هي آهي ته حضور عَلَيهِ السَّلَام متي جي اکين سان رَبّ جو ديدار ڪيو) حضورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ (مون کان) پڇيو ته مقرّب ملائڪ ڪهڙي شيءِ ۾ وڙهندا آهن؟ (يعني اهي ڪهڙا عمل آهن جنهن کي ڪٽي وڃڻ ۽ بارگاه الٰهي ۾ پيش ڪرڻ ۾ ملائڪ وڙهندا آهن هڪ چوندو آهي ته مان ڪٽي وڃان ۽ ٻيو چوندو آهي مان) مون عرض ڪيو: موليٰ تون ئي ڄاڻين ٿو. ته اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پنهنجو دستِ قدرت منهنجي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ رکيو، جنهن جي ٿڌاڻ مون پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪئي. (يعني رَبّ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رحمت جو هٿ منهنجي پٺ تي رکيو ۽ ان جو فيضان منهنجي سيني ۽ دل تي پهتو) ته جيڪو ڪجهه آسمانن ۽ زمينن ۾ آهي اهو سڀ مون ڄاڻي ورتو.

(دارمی،کتاب الرؤیا،باب فی رؤیۃ...الخ، ١٤٠/٢،مرآۃ المناجیح،٤٣٦/١)

حڪيم الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: اها

حديث حضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وُسعتِ علم جو واضح دليل آهي، رَبّ عَزَّوَجَلَّ حضور عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي ستين آسمانن بلڪ متي جي تمام شين ۽ ستن زمينن ۽ انهن جي هيٺ جي ذرّي ذرّي ۽ قطري قطري جو علم عطا فرمايو. خيال رهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب کي گُذريل، موجوده ۽ تا قيامت ٿيڻ واري هر شيءِ جو علم ڏنو ڇاڪاڻ تہ زمين تي ماڻهن جي عملن ۽ آسمان تي هنن عملن جي لاءِ ملائڪن جا اهي جهيڙا قيامت تائين ٿيندا رهندا، جنهن کي حضور عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام اڄ اکين سان ڏسي رهيا آهن، هن حديث جي تائيد قرآن جون گهڻيون ئي آيتون ڪري رهيون آهن. (مرآة المناجيح،١/٤٣٦)

اعليٰ حضرت امام اهلسنت مُجدّد دين وملت مولانا امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه "فتاويٰ رضويہ" ۾ فرمائن ٿا: الله عَزَّ وَجَلَّ روزِ اَزل کان روزِ آخر تائين جيڪو ڪجھ ٿيو ۽ جيڪو ڪجھ آهي ۽ جيڪو ڪجھ ٿيڻ وارو آهي هڪ هڪ ذرّي جو تفصيلي علم پنهنجي حبيبِ اَڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا فرمايو، هزار تاريڪين ۾ جيڪو ذرّو يا ريت جو داڻو پيو آهي حضور عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي ان جو بہ علم آهي، ۽ فقط علم ئي ناهي بلڪ تمام دُنيا ۽ جيڪو ڪجھ ان ۾ قيامت تائين ٿيڻ وارو آهي، سڀ کي ائين ڏسي رهيا آهن، جيئن پنهنجي ان هٿ جي تِري کي، آسمانن ۽ زمينن ۾ ڪو ذرّو سندن نگاھ کان ڳجهو ناهي، بلڪ هي جيڪو ڪجھ ذڪر ڪيو ويو آهي سندن علم جي سمندن مان هڪ ننڍڙي نهر آهي، پنهنجي سڄي اُمت کي ان کان وڌيڪ سڃاڻن ٿا جيئن ماڻهو پاڻ وٽ ويهڻ واري کي، ۽ فقط سڃاڻن ئي نٿا بلڪ انهن جي هڪ هڪ عمل هڪ هڪ چُر پُر کي ڏسي رهيا آهن، دلين ۾ جيڪو خيال گذري ٿو ان کان بہ باخبر آهن، ۽ پوءِ انهن جي علم جا اهي تمام سمنڊ ۽ تمام مخلوق جا عُلوم گڏجي علمِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ سان اها نسبت نٿا رکن، جيڪي هڪ ننڍڙي قطري کي ڪروڙين سمندن سان (آهي ) . (فتاوىٰ رضوية،١٥/٧٤ملخصاً)

سرِ عرش پر ہے تِری گزر دلِ فرش پر ہے تِری نظر ملکوت و ملک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

مختصر وضاحت: يارسُولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرش کان متي بہ اوهان جو اچڻ وڃڻ آهي ۽ زمين بہ اوهان جي نگاهہ ناز ۾ آهي، زمين ۽ آسمان جي ڪا بہ شيءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوشيده ناهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري پياري آقا، مديني واري مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن بَيتُ المَقدَس جي باري ۾ مڪي جي مُشرِڪن جي طرفان پڇيا ڪيل، سڀني سُوالن جا جواب عطا فرمائي ڇڏيا تہ پوءِ اهي حُضُورِ اَڪرَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن عَظِيم مُعجِزي تي ايمان آڻڻ جي بدران، ان کي عَقل جي ڪسوٽي تي پَرکي رهيا هئا بلڪ پنهنجي بُغض ۽ عِناد جي ڪري ان عَظِيمُ الشّان مُعجِزي (Miracle) کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، تنهنڪري بَيتُ المَقدَس جون نِشانيون پُڇڻ ۽ ان تي ڪوڙا ثابت ٿيڻ باوُجُود بہ پنهنجي هٺ ڌرمي کان باز نہ آيا ۽ اِمتِحان جي غَرض سان ان قافلي جي باري ۾ سُوال ڪرڻ لڳا جيڪي مَڪہ مُڪَرَّمہ کان واپار جي لاءِ شام ڏانهن ويو هو.

ڪفارِ قريش چيو: اوهان اسان کي اسان جي قافلن جي باري ۾ ٻڌايو تہ ڇا اوهان کي رستي ۾ اهي قافلا مليا هئا؟ غيب ٻڌائڻ واري آقا، شبِ اسري واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مقامِ روحاء ۾ منهنجو گُذر فُلاڻي قبيلي جي قافلي وٽان ٿيو، انهن ماڻهن جو اُٺ (Camel) گم ٿي ويو هو ۽ اهي ان کي ڳولهي رهيا هئا، مان انهن جي پيل سامان ڏانهن آيس تہ اتي ڪير بہ موجود نہ هو، پاڻي جو هڪ پيالو اتي رکيل هو، مون ان کي پيءُ

ورتو ۽ پوءِ ان کي ڍڪڻ سان ڍڪي ڇڏيو. (پوءِ غيب ٻڌائڻ واري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو) هاڻي اهو قافلو اربع جي ڏينهن سج لهندي ئي هتي پهچي ويندو. پوءِ توهان انهن کان پڇا ڪري ونجو ته جڏهن اهي پنهنجو گم ٿيل اُٺ ڳولهي ڪري واپس موٽيا ته انهن پنهنجي پريل پيالي کي پاڻي سان خالي ڏٺو هو يا نه؟ ۽ اهو به پڇي ونجو ته جڏهن توهان اُٺ جي ڳولها ۾ هئا ته ڇا توهان کي ڪنهن پڪاري چيو هو ته توهان جو اُٺ فُلاڻي هنڌ تي آهي، جنهن تي اهي حيران ٿي ڇئي رهيا هيا ته ملڪ شام ۾ اهو محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو آواز ڪيئن پهتو؟ پر جڏهن توهان ان آواز جي مطابق ان هنڌ تي وڃي ڏٺو ته توهان کي اُٺ ملي ويو هو يا نه؟ قريش چيو: هائو! اهو نيڪ آهي ته اها وڏي نشاني آهي.

پوءِ حضورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته فُلاڻي قبيلي جي قافلي وٽان به منهنجو گُذر ٿيو هو، جنهن جا ٻه ماڻهو هڪ ئي اُٺ تي سوار هئا. انهن جو اُٺ، بُراق جي تيز رفتاري (Speed) جي ڪري ٿهي پڳو هو، جنهن جي ڪري اهي ٻئي سوار ڪري پيا هئا ۽ انهن مان فُلاڻي شخص جي ڪارائي ٽٽي پئي آهي. هاڻي اربع جي ڏينهن نيڪ منجهند جو اهو قافلو هتي پهچي ويندو توهان انهن ٻنهي مان ان جي باري ۾ پڇي ونجو، ڪفارِ قريش چوڻ لڳا: تمام سنو، اها نشاني به بهتر آهي.

پوءِ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته فُلاڻي قبيلي جي قافلي تي مقامِ تَنعِيم وٽان منهنجو گذر ٿيو هو، ان قافلي ۾ اڳتي اڳتي هڪ خاڪي رنگ جو اُٺ هو جنهن جي مٿي ڌاري دار ٻه اناج جون ٻوريون رکيل هيون ۽ هڪ حبشي به ان تي سوار هو، انهيءَ قافلي ۾ فُلاڻي شخص کي سردي لڳي رهي هئي ۽ هو پنهنجي غلام کان ڪمبل (Blanket) گهري رهيو هو. اهو قافلو گهڻو ويجهو پهچي چڪو آهي، صبح سج نڪرڻ وقت اهو قافلو هتي پهچي ويندو.

پوءِ سج اڀرڻ کان پهريان ڪجهه ماڻهو هڪ جبل تي اچي وينا ۽ قافلي جو انتظار ڪرڻ لڳا، ڪجهه ماڻهو سج جي انتظار ۾ مقرر ڪيا ويا ته جيئن اهي ان جي نڪرڻ تي خاص نظر رکن. اوچتو ان مقرر ڪيل ماڻهن مان هڪ رڙ ڪري چيو: ڏِسو! هو ڏِسو! سج نڪري آيو. ايتري ۾ ڪنهن پڪاريو: هو ڏسو قافلو به اچي ويو. ڏٺائون ته واقعي قافلي جي شروع ۾ خاڪي رنگ جو هڪ اُٺ هو جنهن تي ڏاري دار به اناج جون ٻوريون رکيل هيون.

ان کان پوءِ اربع جي منجهند مهل ڪفارِ قريش جي هڪ جماعت پهاڙ تي ويهي ان قافلي جي آمد جو انتظار ڪرڻ لڳا، جنهن جي آمد جي باري ۾ حضورِ اڪرم نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻڌايو هو ته اهو اربع جي ڏينهن منجهند وقت پهچندو. پوءِ ٺيڪ منجهند وقت اهو ٻيو قافلو به پهچي ويو ۽ جنهن شخص جي ڪرڻ جي خبر ڏني وئي هئي واقعي ان جي ڪارائي ٽُٽل هئي.

ان کان پوءِ ڪجهه ماڻهو ان ٽئين قافلي جي تاڪ ۾ هئا، جنهن جي آمد سج لهڻ جي وقت ٻڌائي وئي هئي، سج لهڻ جو وقت ويجهو ٿيو ۽ ان وقت تائين قافلو نه پهتو، رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ دُعا ڪئي ته دُعا قبول ٿي ۽ سج کي روڪيو ويو، جڏهن قافلو پهچي ويو ته سج به لهي ويو. جڏهن حضورِ اڪرم ،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻڌايل ڳالهين جي باري ۾ قافلي وارن کان پڇيو ويو ته انهن تمام ڳالهين جي تصديق ڪئي، نبي اَڪرَم،نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙي طرح فرمايو هو، بلڪل اهڙي نموني ٿيو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزات جي ظاهر ٿيڻ تي مُشرِڪ شَرمسار ٿيا پر ايمان نه آندو. (تحفۂ معراج النبی،ص ۵۰۶،مقالاتِ کاظمی،۱ /۱۵۳،خصائصِ کبری،۳۶۹/۱تا ۳۷۵،سیرۃ سید الانبیاء،ص۱۳۱،سبل الھدی والرشاد،۹۳/۳ملخصاً)

بيان ڪيل معراج جي واقعي ۾ جتي ٻيا ڪيئي مدني گل پنهنجي

خوشبو مهڪائي رهيا آهن، اتي هڪ مدني گل اهو بہ چُوندڻ جي لاءِ مليو آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي علمِ غيب جي عظيمُ الشّان دولت سان نوازيو آهي جيئن پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سفرِ معراج تان واپسي تي مڪي جي ڪافرن امتحان طور جڏهن نبيءِ غيب دان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بيت المقدّس ۽ اتي جي قافلن جي باري ۾ پڇيو تہ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن الله عَزَّ وَجَلَّ جي عطا سان انهن جي سمورن سوالن جا وڏ ي شاندار انداز ۾ درست جواب ارشاد فرمايا بلڪ غيب ڄاڻڻ واري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪافرن جي تجارتي قافلن جي واپسي جا بہ ٺيڪ ٺيڪ وقت بيان ڪري ڇڏيا، حالانڪ بيتُ المقدس تشريف ڪٽي وڃڻ جي سچائي جو قافلن جي واپسي سان ڪو تعلق نہ هو يعني جيڪڏهن پياري آقا، شبِ اسري وارا مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قافلن جي واپسي جو وقت نہ ٻڌائن هئا تہ ان جي ڪري بيتُ المقدس وڃڻ تي اعتراض (Objection) نٿو ڪري سگهجي پر قربان وڃجي! غيب ٻڌائڻ واري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جو جنهن ڳالهہ جو ڪافرن جي شڪ ۽ شُبهن (Doubts) سان ڪو تعلق نہ هو اها بہ بيان ڪري ڇڏي، جيڪا پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علمِ غيب تي تمام وڏو دليل آهي ۽ اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جو جنهن جو انڪار ڪرڻ ڪنهن طرح بہ ممڪن ناهي ڇوتہ نبي جو منصب ئي غيب جون خبرون ٻڌائڻ آهي. جيئن تہ

حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه بهارِ شريعت ۾ فرمائن ٿا: انبيا عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام غيب جون خبرون ڏيڻ جي لاءِ ئي ايندا آهن تہ جنّت و نار (يعني جنت ۽ دوزخ)، حشرءِ نشر ۽ عذاب و ثواب غيب ناهي تہ ٻيو ڇا آهي...؟ اُنهن جو منصب ئي هي آهي تہ اهي ڳالهيون ارشاد فرمائن جنهن تائين عقل ۽ حواس جي رسائي ناهي ۽ انهيءَ جو نالو غيب آهي. (بهار شريعت،حصہ اول،۱/۳٦)

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي رسالي ”سياه فام غلام“ جي صفحي نمبر 17 تي ارشاد فرمائن ٿا: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عن العُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پروردگار جي عطا سان پنهنجي غلامن جي عمرن کان بہ آگاهہ آهن ۽ انهن سان جيڪو ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي، ان کي بہ ڄاڻن ٿا. قرآن پاڪ جي بيشمار آيتن مان سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علم غيب جو ثبوت ملي ٿو، هتي صرف هڪ آيت ڪريمہ پيش ڪجي ٿي، جيئن 30 سيپاري سورة التڪوير جي آيت نمبر 24 ۾ ارشاد آهي:

وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ ﴿۲۴﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ هي نبي غيب ٻڌائڻ ۾ بخيل نہ آهي.

(پ 30 التڪوير 24)

۽ سيپارو 29 سورۂ جِنّ جي آيت نمبر 26 ۽ 27 ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

عٰلِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖۤ اَحَدًا ﴿۲۶﴾ اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ فَاِنَّهٗ يَسْلُكُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ رَصَدًا ﴿۲۷﴾

**ترجموڪنزالايمان:** غيب ڄاڻڻ وارو پوءِ پنهنجي غيب تي ڪنهن کي بہ مسلط (غالب) نہ ڪندو آهي. سواءِ پنهنجي پسنديده رسولن جي. پوءِ بيشڪ انهن جي اڳيان پنيان پهرو مقرر ڪري ڇڏي ٿو.

(پ ۲۹، الجن:۲۷،۲۶)

علامہ اسمعيل حَقّي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: مُفَسِّرينِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه السَّلَام فرمائن ٿا: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مخصوص رسولن عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي علمِ غيبِ خاص سان نوازيندو آهي. اَولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰه تَعَالٰي عَلَيهِمۡ اَجۡمَعِين کي جيڪو علمِ غيب هوندو آهي اهو انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي ئي وَسيلي ۽ فيض سان ٿيندو آهي. (روح البيان، پ۲۹، الجن:۲۶-۲۷، ۲۰۱/۱۰ ملخصاً)

اهڙي طرح سيپاري 4 سوره آلِ عمران جي آيت نمبر179 ۾ خُداءِ رحمن عَزَّوَجَلَّ جو ارشادِ پاڪ آهي:

وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۪

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ الله جو هي شان نہ آهي جو اي عام انسانو! اوهان کي غيب جو علم ڏيئي ڇڏي هاء الله پنهنجن رسولن مان جنهن کي گهرندو تنهن کي چونديندو آهي.

(پ۴،اٰلِ عمران:۱۷۹)

صَدرُ الافاضل حضرت علّامہ مولانا سَيد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هن آيتِ مُبارڪ جي تحت فرمائن ٿا:(اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ) انهن بَرگُزيده رسولن عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي غَيب جو علم ڏيندو آهي ۽ سَيدِ انبياء حبيبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رسولن ۾ سڀ کان اَفضل ۽ اعليٰ آهن، هن آيت کان ۽ ان جي علاوه بين گهڻين آيتن ۽ حديثن کان ثابت آهي تہ الله تعاليٰ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي غيب جا عُلُوم عطا فرمايا آهن ۽ غيب جا علم رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا معجزا آهن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا ،شبِ معراج واري مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّ وَجَلَّ جي عطا ڪيل علم جي ذريعي ڪيئي پيرا غيب جون خبرون پنهنجي پياري صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي اڳيان بيان فرمايون.

## حضرتِ بِلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي قدمن جي آهٽ

جنّت جي سير جي دوران سردارِ دو جهان،رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن جي قدمن جي آهٽ ٻُڌي، جنهن جي باري ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻڌايو ويو تہ هي حضرتِ بِلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ آهن.[(1)]

قُربان وڃجي! ڇا شان آهي مُؤذِّنِ رسول حضرتِ سيدُنا بِلالِ حبشي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي جو پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي قدمن جي آهٽ جنّت ۾ ٻڌي

1... مشكاة المصابيح كتاب المناقب، باب مناقب عمر، ۴۱۸/۲،حديث:۶۰۳۷

www.dawateislami.net

رهيا آهن. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي اهو مقام ڪهڙي عمل جي سبب حاصِل ٿيو، اچو! مُلاحظہ فرمايو:

حضرتِ سيدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ (هڪ ڀيري) سرڪارِ عالي وقار، محبوبِ رَبِّ غفّار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فجر جي وقت حضرتِ بِلال رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي فرمايو: اي بِلال! مون کي ٻڌايو توهان اِسلام ۾ ڪهڙو اهڙو عمل ڪيو آهي جنهن تي ثواب جي اميد سڀ کان وڌيڪ آهي ڇوتہ مون جنّت ۾ پنهنجي اڳيان توهان جي قدمن جي آهٽ ٻُڌي آهي. عرض ڪيائون: مون پنهنجي طرفان ڪو اُميد افزا ڪم ناهي ڪيو. ها! مان ڏينهن رات جي جنهن گهڙي بہ وُضو يا غسل ڪيو تہ ايتري قدر نماز پڙهي ورتي جيڪا الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مُقَدَّر ۾ ڪئي هئي.(1)

## حديث جي سمجهاڻي

حڪيمُ الامَّت حضرتِ علّامہ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هن حديثِ پاڪ جي هڪ معني اها بہ بيان ڪئي آهي تہ اهو تمام حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جسماني معراج ۾ مُلاحظہ فرمايو هو پر اهو سوال ڪنهن ٻئي ڏينهن فجر جي نماز کان پوءِ فرمايو. وڌيڪ فرمائن ٿا: حضرتِ بِلال (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) جو حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اڳ ۾ جنّت ۾ وڃڻ ائين آهي جيئن نوڪر چاڪر بادشاهن جي اڳيان هلندا آهن. خيال رهي تہ معراج جي رات نہ تہ حضرتِ بِلال (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ)، حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ جنّت ۾ ويا، نہ حضرتِ بِلال کي معراج ٿي بلڪ حُضُورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان رات اهو واقعو مُلاحظہ فرمايو، جيڪو قيامت کان پوءِ ٿيندو تہ سڀني مخلوق ۾ سڀ کان پهريان حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّت ۾ داخِل ٿيندا ان طرح جو حضرتِ بِلال (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) خادِمانہ حيثيت سان اڳتي اڳتي هوندا. هن مان ڪجهہ مسئلا معلوم ٿيا

---

1... مسلم،كتاب فضائل الصحابة، باب من فضائل بلال، ص١٠٢٥،حديث:٢٤٥٨

www.dawateislami.net

✸ هک هي تہ الله تعاليٰ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ماڻهن جي انجام تي خبردار ڪيو آهي تہ ڪير جنّتي آهي ۽ ڪير دوزخي ۽ ڪير ڪهڙي درجي جو جنّتي ۽ ڪهڙي درجي جو دوزخي آهي ✸ ٻيو هي تہ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڪن ۾ اکيون لکين سالن کان پوءِ ٿيندڙ واقعن کي ٻڌي ۽ ڏسي وٺندا آهن، اهو واقعو ان تاريخ کان ڪيئي لک سالن کان پوءِ ٿيندو پر قربان انهن ڪنن تي جو اڄ ئي ٻڌي رهيا آهن. ✸ ٽيون هي تہ انسان جهڙي حال ۾ زندگي گذاريندو انهيءَ حال ۾ اٿي هوندو، حضرتِ بِلال (رَضِی اللهُ تَعَالٰى عَنْه) پنهنجي زندگي حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ گذاري اٿي بہ خادِم ٿي اٿندا. (مرآة المناجيح، ۲/۳۰۰)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٻڌو اوهان تہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي، شبِ اسريٰ واري مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي عظيمُ الشّان علمِ غيب جي ذريعي قيامت جي ڏينهن حضرت بلال رَضِی اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي قدمن کان پيدا ٿيندڙ آواز کي لکين سال اڳ ئي ٻڌي ورتو، اهڙي طرح ٻيا ڪوڙ سارا واقعا حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ علمِ غيب کي بيان ڪن ٿا، اچو هن باري ۾ ڪجهہ احاديثِ مبارڪ ٻڌون ٿا: جيئن ارشاد فرمايائون:

اِنَّ اللهَ زَوٰى لِيَ الْاَرْضَ فَرَاَيْتُ مَشَارِقَ الْاَرْضِ وَ مَغَارِبَهَا يعني الله عَزَّوَجَلَّ زمين کي منهنجي لاءِ سميٽي ڇڏيو تنهنڪري مون زمين جي اوڀر ۽ اولهہ تمام حصن کي ڏسي ورتو. (مسلم،ڪتاب الفتن،باب هلاڪ ...الخ،ص۱۱۸۲،حديث:۲۸۸۹)

ارشاد فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي لاءِ سڄي دُنيا تان پردو کڻي ورتو، تنهنڪري مون دُنيا جي طرف ۽ قيامت تائين جيڪو ڪجهہ هن ۾ ٿيڻ وارو آهي ان ڏانهن ائين ڏسي رهيو آهيان جهڙي طرح پنهنجي تري کي ڏسي رهيو آهيان. (مجمع الزوائد،ڪتاب علامۃ النبوۃ،باب اخباره بالمغيبات،۸/۵۱۰)

ارشاد فرمايائون: منهنجي اڳيان منهنجي سڄي اُمّت کي خاڪي صورتن ۾ پيش ڪيو ويو، جهڙي نموني حضرت آدم عَلَيه السَّلَام جي اڳيان تمام شين کي

www.dawateislami.net

پيش ڪيو ويو هو، ۽ مون کي اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪير مون تي ايمان آڻيندو ۽ ڪير ڪفر ڪندو، جڏهن منافقن کي حضورِ اکرم ،نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اهو باڪمال وصف معلوم ٿيو تہ ساڙ ۾ سڙي ڪري اعتراض ڪندي چوڻ لڳا تہ انهن جو گمان هي آهي تہ جيڪي اجا پيدا بہ نہ ٿيا آهن مان انهن جي ايمان ۽ ڪفر ۽ انهن مان مومن ۽ ڪافر کي ڄاڻان ٿو حالانڪ اسان مُنافق ۽ ڪافر انهن سان گڏ رهون پيا، اسان جي ڪفر ۽ نفاق بابت انهن کي تہ معلوم ئي ناهي، جڏهن مُنافقن جو اهو طنز ۽ اعتراض حضورِ اکرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ سماعت تائين پهتو تہ منبر تي رونق افروز ٿي ارشاد فرمايائون: انهن ماڻهن جو ڪهڙو حال آهي جنهن منهنجي علم تي اعتراض ڪيو آهي، (پوءِ ارشاد فرمايائون) توهان هاڻي کان وٺي قيامت تائين جي جنهن ڳالھ جي باري ۾ پڇڻ چاهيو تا پڇو، مان توهان کي ٻڌائيندس. (تفسيرِ خازن،پ۴،ال عمران،تحت الاية:۱۷۹،۱/۳۲۸)

حضرت عبدُ الله بن عمرو رَضِی اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن رسولُ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف ڪٺي آيا ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ٻنهي هٿن ۾ ڪتاب هئا. فرمايائون: ڇا توهان کي خبر آهي تہ اهي ڪتاب ڪهڙا آهن؟ اسان عرض ڪيو: اوهان جي ٻڌائڻ کان بغير اسان کي ڪيئن معلوم ٿي سگهي ٿو، پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي ساڄي هٿ واري ڪتاب ڏانهن اشارو ڪري فرمايائون: اهو رَبُّ الْعالَمِين عَزَّوَجَلَّ جي طرفان موڪليل اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ جنّت وارن جا نالا آهن ۽ انهن جي ابن ڏاڏن ۽ قبيلن جا نالا آهن ۽ آخر ۾ انهن سڀني جو ڪُل تعداد بہ ڏنو ويو آهي، نہ اِن ۾ اضافو ڪيو ويندو ۽ نہ ان ۾ ڪمي ڪئي ويندي. وري ٻئي مبارڪ هٿ واري ڪتاب ڏانهن اشارو ڪري ارشاد فرمايائون: اهو رَبُّ الْعالَمِين عَزَّوَجَلَّ جي طرفان موڪليل اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ تمام دوخين، اُنهن جي ابن ڏاڏن جا ۽ انهن جي قبيلن جا

www.dawateislami.net

نالا آهن، آخر ۾ انهن جو مجموعي تعداد بہ ڏنو ويو آهي نہ ان ۾ اضافو ڪيو ويندو ۽ نہ ئي ڪمي ڪئي ويندي. (مشكاة المصابيح،كتاب الايمان،باب الايمان بالقدر،٣٩/١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ مان واضح طور تي معلوم ٿئي ٿو تہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام اهلِ جنّت ۽ اهلِ دوزخ کي سڃاڻن ٿا بلڪ انهن جي ابن ڏاڏن، انهن جي حسب نسب ۽ انهن جي قبيلي وغيره سڀني شين جو علم، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي آهي ايستائين جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو بہ ڄاڻن ٿا تہ مخلوق مان ڪير خوش نصيب ايمان آڻيندو ۽ ڪير بد نصيب ان مان محروم رهندو.

يقيناً اهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو تمام وڏو ڪرم آهي جو ان اسان کي حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت ۾ پيدا فرمايو ۽ اسان کي ايمان جي دولت سان بہ نوازيو، تنهنڪري اسان سڀني کي گهرجي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ ايمان تي استقامت ۽ چڱي خاتمي جي دُعا ڪندا رهون ۽ ايمان جي حفاظت جو فڪر ڪندي پنهنجو پاڻ کي تمام گُناهن کان پري رکون، خاص طور تي انهن برائين کان پنهنجو پاڻ کي بچايون، جنهن جي ڪري ايمان برباد ٿيڻ جو انديشو آهي.

ڈر لگتا ہے اِیماں کہیں ہو جائے نہ برباد　　سرکار بُرے خاتمے سے مجھ کو بچانا
جب دَم ہو لبوں پر اے شہنشاہِ مدینہ　　تم جلوہ دِکھانا مجھے کلمہ بھی پڑھانا
آقا مرا جس وقت کہ دم ٹوٹ رہا ہو　　اُس وقت مجھے چہرۂ پُر نُور دِکھانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

شرح الصدور ۾ آهي، ڪجهہ علماءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمائن ٿا: بُري خاتِمي جا چار سبب آهن. (1) نماز ۾ سُستي (2) شراب پيئڻ (3) ماءُ پيءُ جي نافرماني (4) مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ. (شرح الصدور،باب علامة خاتمة الخير،ص٢٧) ياد

www.dawateislami.net

رهي! تہ بُري خاتمي يعني مرڻ مهل ايمان کسجڻ جا اهي ئي صرف چار (4) سبب نہ آهن بلڪ مختلف هنڌن تي بُري خاتمي جا ٻيا بہ ڪوڙ سبب بيان ڪيا ويا آهن جنهن بابت معلومات ڄاڻڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو لکيل 40 صفحن تي مشتمل رسالو ”بُري خاتمي جا سبب“ نهايت مُفيد آهي.

## رسالو”بُري خاتمي جا سبب“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن رسالي ۾ اوهان بُري خاتمي جي باري ۾ احاديث، بُزرگان دِين جا اقوال ۽ حڪايتون ٻڌڻ سان گڏوگڏ چغلي ۽ حسد جي وصف ۽ هنن بُرائين ۾ مبتلا ٿيڻ جو دردناڪ انجام ۽ اَمرَدن سان ميل جَول جو وبال بہ بيان فرمايو آهي، اڄ ئي تمام اسلامي ڀائر مڪتبةُ المدينہ تان اهو رسالو هديةً حاصل ڪريوءِان جو مطالعو بہ ڪريو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مجلسِ تراجم جي ڪوشش سان هن رسالي جو انگلش، هندي، سنڌي ،تامِل ۽ چائنيز سميت 10 زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي، دعوتِ اسلامي جي ويب سائٹ www.dawateislami.net تان هن رِسالي کي پڙهي، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب”فيضانِ معراج“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضورِ اڪرم ،نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معراج جي ايمان افروز واقعي بابت وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ ۽ ان مان حاصل ٿيڻ واري عظمتِ مُصطَفٰي جا مدني گل چونڊڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 134 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فيضانِ معراج“ جو

www.dawateislami.net

مطالعو ڪرڻ بيحد مفيد آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ ❀ معراج جي ترتيب وار مرحلن جو تفصيل ❀مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصي تائين جي سفر جا مشاهدا ❀ آسماني سفر جي دوران ۾ جنّت و دوزخ جا مشاهدا ❀انبياءِ ڪرام سان ملاقات بابت تفصيل ❀ ڪوڙ سارا متفرق مدني گل ۽ ❀معراج شريف جي باري ۾ ڪجھ نعتيہ ڪلام وغيره نهايت عُمده ۽ آسان انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن. لهٰذا اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هديةً حاصل ڪريو ۽ ان جو مطالعو بہ ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "هفتيوار سُنّتن ڀريو اجتماع"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ايمان جي سلامتي جو فڪر ڪرڻ، بُرائين کان بچڻ ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 مَدَني ڪمن ۾ عملي طور تي شامل ٿي دُنيا ۽ آخرت جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو! 12مَدَني ڪمن مان هفتيوار هڪ مَدَني ڪم، هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتِماع ۾ شِرڪت بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ تِلاوت و نعت ۽ سُنّتن ڀريو بيان ٻڌڻ، اجتماعي طور تي ذڪرُ الله ڪرڻ ۽ رِقّت انگيز دُعا ۾ پنهنجي گُناهن کان توبہ ڪرڻ سان گڏوگڏ سني صحبت اِختيار ڪرڻ جو موقعو بہ ميسر ايندو آهي. حديثِ پاڪ ۾ بہ سني صحبت اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي. (مسند احمد، مسند ابى بريرة،٣/ ٢٣٣،حديث:٨٤٢٥ماخوذاً) جڏهن تہ گڏ تي ذِڪرُ الله ڪرڻ وارن کي بخشش ۽ بُرائين کي نيڪين ۾ بدلجڻ جي خوشخبري بہ ٻڌائي وئي آهي. (شعب الايمان،الفصل الثانى فى ذكر آثار...الخ، ١/٤٥٤،حديث: ٦٩٥ماخوذاً) اچو! ترغيب جي لاءِ

هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي هڪ ايمان افروز مَدَني بهار ٻ ڌون ٿا

## اسی ماحول نے ادنٰی کو اعلٰی کردیا دیکھو!

چيچه وَطني (ضِلَع ساهيوال،پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ غفلتن جي وادي ۾ گهاريل پنهنجي زندگي جي گهڙين جي باري ۾ ڪجهه هن طرح بيان ڪيو: منهنجي زندگي ڀرپور غفلت ۾ گذري رهي هئي، منهنجي اُجڙيل گلزار ۾ رُشد و هدايت جي بادِ بهار دعوتِ اسلامي سان وابَسته هڪ عاشقِ رسول جي با بَرَڪت صحبت جي بدولت هلي. انهن جي اِنفِرادي ڪوشِش مون ڪي دعوتِ اسلامي جي ويجهو ڪري ڇڏيو ۽ مان مدَني ماحول سان وابَسته ٿي ويس. جڏهن مون پهرين دفعي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪئي ته مون اوّل تا آخِر بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اهو سڀ ڪجهه مون ڪي تمام سٺو لڳو پر جڏهن اجتِماع ۾ شريڪ اسلامي ڀائر هڪ آواز ۾ ديوانه وار ذِڪرُالله ۾ مصروف ٿيا ته مون ڪي بي اختيار کل اچي وئي ته اهي ماڻهو ڇا پاڳلن جيان شُروع ٿي ويا آهن!(اَلْعِياذُبِالله) مان اهڙي طرح جي فضول وسوسن ۾ مگن هئس ته اوچتو روحانيت جو هڪ اهڙو جهونڪو آيو جو مان خودبخود ذِڪرُالله ۾ لڳي ويس ۽ اهڙو مَست ٿيس جو پنهنجي آس پاس جي خبر ئي نه رهي، دل تي عجيب ڪيف وسُرُور طاري ٿي ويو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ذڪر ۽ دعا جي بَرَڪت سان منهنجي طبيعت ۾ سنجيدگي پيدا ٿي وئي ۽ اڳوڻن گناهن کان توبه ڪري مان صلوٰة ۽ سنّت جي راهه تي لڳي ويس. مون چهري تي ڏاڙهي مبارڪ ۽ مٿي تي سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رَمَضانُ المبارَڪ ۾ اجتِماعي اعتِڪاف جون بَرَڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت به مُيسَّر آئي، هاڻي منهنجي والدِ محترم به ڏاڙهي شريف سجائي آهي ۽ تمام گهر وارا سلسله عاليه قادِريه رضويه ۾ داخِل ٿي چڪا آهن .

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کردیا دیکھو اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کردیا دیکھو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان پنهنجي پياري پياري آقا ،شبِ معراج واري مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شانِ علمِ غيب جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين، اچو وڌيڪ ٻڌون ٿا، جيئن معراج جي رات جڏهن جبريلِ امين عَلَیْہِ السَّلَام بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آسمان مان هڪ آواز ٻڌو ته مٿو مبارڪ آسمان ڏانهن ڪنيو ۽ ارشاد فرمايائون ته آسمان جو اهو دروازو اڄ کوليو ويو آهي ۽ اڄ کان پهريان ڪڏهن نه کوليو ويو، پوءِ ان دروازي مان هڪ ملائڪ نازل ٿيو ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته اهو ملائڪ اڄ نازل ٿيو آهي ۽ اڄ کان پهريان ڪڏهن نازل ناهي ٿيو. (مسلم،کتاب صلاۃالمسافرین و قصرھا،باب فضل الفاتحۃ...الخ، ص۳۱۴، حدیث:۸۰۶)

حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: آسمان جا ڪروڙين دروازا آهن، جنهن مان مختلف شيون اينديون وينديون آهن، هڪ دروازو اهو به آهي جيڪو صرف معراج جي رات حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ کوليو ويو. (مرآۃ المناجیح، ۱۳۸/۸ ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قربان وڃو پياري آقا، شبِ اسري واري مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عظيمُ الشان قوّتِ سماعت تي جو زمين تي رهندي نه صرف آسمان جو آواز ٻڌي ورتو بلڪ آسماني دروازي ۽ ان مان نازل ٿيڻ واري ملائڪ کي به ملاحظ فرمائي ورتو ۽ صرف اهو ئي نه بلڪ پنهنجي عظيمُ الشان علمِ غيب جي ذريعي اهو به ارشاد فرمايائون ته نه اهو دروازو اڄ کان پهريان ڪڏهن کوليو ويو آهي ۽ نه ئي اهو ملائڪ اڄ کان پهريان ڪڏهن زمين تي نازل ٿيو آهي.

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سماعتِ مُصطفيٰ کي جڙ تہ ھڪ شعر ۾ ائين لکن ٿا:

دُور و نزدِیک کے سُننے والے وہ کان
کانِ لعلِ کرامت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! چا شان آھي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو، زمين تي رھندي آسمان جا احوال بيان فرمائي رھيا آھن ۽ جڏھن آسمان تي ھئا تہ زمين جي احوال کان باخبر ھئا جيئن تہ حضرتِ عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مان جنّت ۾ داخل ٿيس تہ ان ۾ قراءت ٻڌي، مون پڇيو، اھي ڪير آھن؟ تہ ملائڪن عرض ڪيو: اھي حضرت حارثہ بن نعمان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ آھن. (كتاب معرفة الصحابة،ذكر مناقب حارثة...الخ، ۲۱٦/۴، حديث:۴۹۸۲) اھڙي طرح حضورِ اکرم ،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت نُعَيم بن عبدُ الله نُحّام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي کنگھ جي آواز کي جنّت ۾ ٻڌو. (كتاب معرفة الصحابة، ذكر مناقب نعيم...الخ،۲۸۹/۴،حديث:۵۱۷۷)

معلوم ٿيو تہ زمين تي رھندي آسمان، جنّت، عرش ۽ تمام ملائڪ حضورِ اکرم ،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشِ نظر آھن ۽ جنّت ۾ موجود آھن تہ فرشِ زمين تي ٿيڻ واري احوال کان باخبر آھن.

عرش پر بھی سلطنت ہے فرش پر بھی سلطنت دونوں عالم پر تمہاری ہے حکومت یارسول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اھڙيون پياريون پياريون ڳالھيون ٻڌڻ ۽ سکڻ ۽ پنھنجي دل ۾ عشقِ رسول جو چراغ روشن ڪرڻ ۽ پياري آقا، مکي مدني

www.dawateislami.net

مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن جي مطابق زندگي گُذارڻ جي لاءِ تبليغِ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريک دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت ِاسلامي جي مدني فيضان سان صرف عام اسلامي ڀائر ئي فائدو نه پيا کڻن بلڪ اها مسجد ڀريو مدني تحريک ته عوام سان گڏوگڏ شخصيات ۾ به مدني ڪمن جي ڌومون مچائڻ ۾ انهن تائين به نيڪي جي دعوت جي ذريعي دعوتِ اسلامي جو مدني پيغام پهچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي .

## مجلس وُڪلاء و ججز

اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي هن وقت خدمتِ دين جي اٽڪل 103 شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، جنهن مان هڪ شعبو "مجلسِ وُڪلاء و ججز" به آهي، وڪالت اسان جي معاشري جو اهم ترين شعبو آهي، جنهن سان ڪافي ماڻهو وابسته آهن. اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ "وَڪالت" سان وابسته اسلامي ڀائرن جي لاءِ به دعوتِ اسلامي جي تحت "مَجْلِسِ وُڪلا وججز" جي نالي سان باقاعده هڪ مجلس قائم آهي، هن مجلس جو بنيادي مقصد ججن ۽ وڪيلن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ڪندي، هن مدني مَقصَد "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي۔" جي مُطابِق زِندگي گُذارڻ ۽ فڪرِ آخِرت جو مدني ذِهن به ٺاهڻ ۾ ڪوشان رهي آهي. وقتاً فوقتاً وڪيلن ۽ ججن جا تربيتي اجتماعن ۽ مدني مذاڪرن جو سلسلو به ٿيندو آهي، ڪيئي عاشقانِ رسول وڪيلن ۽ ججن جي گهرن ۾ به مدني حلقو ۽ اجتماعِ ذِڪر و نعت وغيره جي ترڪيب ٿيندي آهي. الله تعاليٰ "مجلس وڪلا وججز" کي وڌيڪ ترقيون عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو!

www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شهيدانِ دعوتِ اسلامي جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رجَبُ المرجب جي مهيني ۾ شهيدانِ دعوتِ اسلامي جون يادون بہ وابستہ آهن. اچو ان شهيدانِ دعوتِ اسلامي جو ذڪرِ خير ٻڌون ٿا: دَراصل تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تَحريڪ دعوتِ اسلامي جي وڌندڙ شان و شوڪت ڪان ڊڄي بعض دُشمنن 25 رَجَبُ المُرَجَّب ١۴١٦ھ سومر جي رات تقريباً 12 بجي مرڪزُ الاولياء (لاھور) ۾ شَيخِ طريقت ،اميرِ اَهلسنّت ،باني دعوتِ اسلامي ابوبلال حضرتِ مولانا محمد الياس عطّار قادِري رَضَويدَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي جان وٺڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، پر ”جنهن ڪي رب رکي تنهن ڪي ڪير چکي“ دُشمن جو منصوبو خاڪ ۾ ملي ويو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سُنّتن جي وڏيڪ خدمت وٺڻ جي لاءِ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچي عاشق کي رهڻ نہ اچڻ ڏني، البت هن فائرنگ جي نتيجي ۾ سندن جا ٻہ قريبي دعوت اسلامي جا مبلغ الحاج اُحد رضا عطّاري قادري رضوي ۽ محمد سجاد عطّاري قادري رضوي جامِ شهادت نوش فرمائي ويا.

شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه ان موقعي تي بِسمِ الله جي 19 اکرن جي نسبت سان 19 اَشعار تي مشتمل هڪ ڪلام بہ تحرير فرمايو هو، اچو ان جا ڪجهہ شعر ٻڌون ٿا:

اچانک دُشمنوں نے کی چڑھائی یَارسُولَ الله   ہوئے دو جاں بحق اسلامی بھائی یَارسُولَ الله
مرا دشمن تو مجھ کو ختم کرنے آ ہی پہنچا تھا   میں قرباں تم نے میری جاں بچائی یَارسُولَ الله
شہیدِ دعوتِ اسلامی سجّاد و اُحد آقا   رہیں جنّت میں یکجا دونوں بھائی یَارسُولَ الله
نہیں سرکار! ذاتی دشمنی میری کسی سے بھی   مری ہے نفس و شیطاں سے لڑائی یَارسُولَ الله
مقابل دشمن اسلام کے ایسا بنا گویا   کوئی دیوار ہو سیسہ پلائی یَارسُولَ الله

یہی ہے جرم میرا سنّتوں کا ادنیٰ خادم ہوں ہے میں نے سنّتوں سے لو لگائی یارسُولَ اللہ
اگرچہ جان جائے خدمتِ سنّت نہ چھوڑوں گا شہا! کرتے رہیں مشکل کشائی یارسُولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان سفرِ معراج ۽ علمِ غيب مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ مدني گلن کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اسان ٻڌو ته ❖الله عَزَّ وَجَلَّ پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي معراج جو عظيمُ الشان معجزو (Miracle)عطا فرمايو ❖ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل معراج تي وڃڻ کان پهريان نور و حڪمت سان مزيد ڀري وئي هئي ❖ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجدِ اقصيٰ ۾ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي امامت فرمائي❖ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آسمانن جي سير فرمائي ❖ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شبِ معراج هڪ عظيم نعمت اها عطا هوئي ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جو ديدار ڪيو ❖ ۽ هم ڪلامي جي شرف سان بہ سرفراز ٿيا ❖ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپس موٽي معراج جي واقعي جو انڪار ڪرڻ وارن قريش جي ڪافرن جي سامهون بيتُ المقدس جون نشانيون بيان فرمايون ❖ ڪفّارِ قريش جي قافلن جا احوال بيان فرمايا ❖ ايستائين جو غيب ڄاڻڻ واري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قافلن جي واپسي جو وقت بہ ٻڌائي ڇڏيو ❖بيشڪ الله عَزَّ وَجَلَّ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي علمِ غيب جا اهي دروازا کوليا جو خود آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا ته الله عَزَّ وَجَلَّ منهنجي لاءِ سڄي دُنيا تان پردو کڻي ورتو، تنهنڪري مون دُنيا جي طرف ۽ قيامت تائين جيڪو ڪجهہ هن ۾ ٿيڻ وارو آهي ان ڏانهن ائين ڏسي رهيو آهيان جهڙي طرح پنهنجي هٿ جي ترِي کي ڏسي رهيو آهيان.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥)

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تُم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ننهن ڪٽڻ جون سُنّتون ۽ آداب

اچو شيخ طريقت ،اميرِ اهلسُنَّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گل“ مان ننهن ڪٽڻ جا ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا:❖ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن تہ جمعي جو انتظار نہ ڪريو. (دُرِّمُختار،٩/٦٦٨) صدرُالشَّريعه، بدرالطَّريقه مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القوي بهار شريعت، جلد 3 ص 583 ۾ فرمائن ٿا: منقول آهي: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعاليٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏھ ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي بہ آهي تہ جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي تہ رحمت نازل ٿيندي ۽ گناھ ڇڻندا. (دُرِّمُختار، رَدُّالْمُحتَار،٩/٦٦٨، بهارِشريعت ،حصّه١٦، ص ٢٢٥،٢٢٦) ❖ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي منقول طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کبي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو،

www.dawateislami.net

پوءِ هاٿي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي. (دُرِّمُختار،۹/٦٧٠، اِحْياءُ الْعُلُوم ،۱/ ۱۹۳)❖ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي تہ ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. (دُرِّمُختار،۹/٦٧٠، اِحْياءُ الْعُلُوم، ۱ / ۱۹۳) ❖ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي. (عالَمگيرى ،۵ /۳۵۸) ❖ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهہ) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. (عالَمگيرى ،۵ /۳۵۸) ❖ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيو تہ بہ حرج ناهي. (عالَمگيرى ، ۵/۳۵۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتين ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سَفَر کرتا رہُوں پَروَردِگار سُنّتوں کی تَربِیَت کے قافِلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهَ ڪرام رَضِىَ اللّٰه تَعَالٰى عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.(3)

## (6) دُرُود شَفَاعت

---

1...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُ تَعَالٰي عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net